SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس (Ordinance) نمبر IV، 1970

اولهه پاڪستان گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط ٽئڪس (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

فهرست

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. 1958ع جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IV جي دفعن (Sections) 2، 8 ۽ 10 جي ترميم

سنڌ آرڊيننس (Ordinance) نمبر IV، 1970

اولھ پاڪستان گھوڙن جي ڊوڙ تي شرط ٽئڪس (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

اڪستان گھوڙن جي ڊوڙ تي شرط ٽئڪس ايڪٽ، 1958ع ۾ ترميم (Amendment) بابت آھي.

تمھيد.

جيئن تہ اولھ پاڪستان گھوڙن جي ڊوڙ تي شرط ٽئڪس ايڪٽ، 1958 کي صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ ھيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آھي:

ھاڻي، تنھن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم (PCO) سان گڏ پڙھندي، مليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر ھيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آھي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. ھي حڪم نامو اولھ پاڪستان گھوڙن جي ڊوڙ تي شرط ٽئڪس (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

1958ع جي اولھ پاڪستان ايڪٽ IV جي دفعن (Sections) 2، 8 ۽ 10 جي ترميم

2. اولھ پاڪستان گھوڙن جي ڊوڙ تي شرط ٽئڪس ايڪٽ، 1958، کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ، دفعہ (Section) 2 جي شق (Clause) (f) ۾، دفعہ (Section) 8 جو ذيلي دفعہ (Sub-Section) (1) ۽ دفعہ (Section) جي ذيلي دفعن (Sub-Sections) 2، 3 ۽ 4 ۾ لفظ "ڪمشنر (Commissioner)"، جتي بہ اچي، لفظ ۽ ڪامائن سميت "ڊائريڪٽر جنرل، ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن،" وڌا ويندا.

نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آھي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.